قرآني بيان

نعتِ مصطفيٰ جا فضائل

مدني مرڪزن (فيضانِ مدينه) ۾ شعبي اِمام مساجد (دعوتِ اسلامي)
جي تحت مسجدن جي لاءِ

21 آگسٽ، 2026ع
(متوقع اسلامي تاريخ 7 ربيع الاول، 1448هه)
جي جمعة المبارڪ مبارڪ جو



مدني مرڪز (فيضانِ مدينہ) ۾ شعبي اِمام مساجد (دعوتِ اسلامي) جي تحت مسجدن جي لاءِ 21 آگسٽ 2026ع (متوقع اسلامي تاريخ 7 ربيع الاول 1448ھ) جي جمعة المبارڪ مبارڪ جو

قرآني بيان

بنام

نعتِ مصطفيٰ جا فضائل

هن بيان ۾ توهان ڇاڻي سگهندؤ...

- ... نعتِ مصطفيٰ الله پاڪ جي نشاني آهي
- ... نعتِ مصطفيٰ هدايت آهي
- ... مُحَمَّدِ مصطفيٰ! سيني کان آخري نبي
- ... زمين تي پهرين آذان

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بياناتِ دعوتِ اسلامی)



FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786



GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ۚ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖنَ ؕ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتكاف جي نيّت ڪئي)

درود شريف جي فضيلت

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰه صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:

اِنَّكُمْ تُعْرَضُوْنَ عَلَيَّ بِاَسْمَائِكُمْ وَسِيْمَائِكُمْ فَاَحْسِنُوا الصَّلَاةَ عَلَيَّ۔

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: بيشڪ توهان جا نالا توهان جي سيڃاڻپ (نشانين) سميت مون تي پيش ڪيا ويندا آهن، تنهنڪري مون تي اَحسن (يعني بهترين لفظن ۾، شوق ۽ محبت سان) درودِ پاڪ پڙهو. (1)

جا کے وہاں پیش ہو گا نام بنام
جس قدر جس کا ہو درود شریف
بزمِ مَولِد میں جب ہو تم حاضر
پڑھتے ہر دم رہو درود شریف (2)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَتَعَالٰى فِي الْقُرْاٰنِ الْكَرِيْم (الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ فرمائي ٿو):

وَلَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوا الْحَقَّ وَاَنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ (پاره:1، البقرة:42)

صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْم وَصَدَقَ رَسُوْلُهُ النَّبِيُّ الْكَرِيْم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

1...مصنف عبدالرزاق، كتاب الصلاة، باب الصلاة على النبى صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَسَلَّم، جلد:2، صفحه:140، حديث:3116

2...نُورِ ايمان، صفحه:39۔

ترجمو ڪنزُالايمان: ۽ حق کي باطل سان نہ ملايو ۽ جاڻي واڻي حق کي نہ لڪايو.

ربيع الاول شريف جا فضائل

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لله! مبارڪ مهينو، نُور جو مهينو، يعني ماهِ ربيع الاول جو مهينو، جيڪو حضور پُرنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ولادتِ با سعادت جو مهينو آهي، ان ڪري هن مبارڪ مهيني جي اچڻ سان ئي پياري پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديوانن ۾ خوشي جي لهر اچي ويندي آهي. پوڙهو هجي يا جوان، هر حقيقي مسلمان جڻ تہ دل جي زبان سان چوندو آهي:

نثار تیری چہل پہل پر ہزار عیدیں ربیعُ الاوّل
سِوائے اِبلیس کے جہاں میں سبھی تو خوشیاں مَنا رہے ہیں[1]

الله پاڪ اسان کي هن مبارڪ مهيني جون برڪتون نصيب فرمائي. اسان بہ جشنِ ولادت جي خوشي ۾ چراغان ڪريون ◈ گهر سجايون ◈ گليون سجايون ◈ خوب تلاوتِ قرآن ڪريون ◈ درودِ پاڪ جي ڪثرت ڪريون ◈ ذڪرِ محبوب جون محفلون سجايون ◈ گناهن کان بچندي ◈ شريعت جي دائري ۾ رهي خوب ڏوم ڏام سان ميلاد ملهايون ◈ هي سڀ عمل اخلاص سان، الله ۽ ان جي رسول جي رضا لاءِ ڪندا سين تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بيشمار برڪتون نصيب ٿيندیون. الله پاڪ توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

نُور کی پھوہار برسی چار سُو ہے روشنی
غنچے چٹکے، پھول مہکے ہر طرف آئی بہار

ہو گیا گھر گھر چراغاں عیدِ میلادُ النَّبی
ہو گئی صبحِ بہاراں عیدِ میلادُ النَّبی

[1]...دیوانِ سالک، صفحہ:35۔

ہم نہ کیوں روشن کریں گھر گھر دِیے مِیلاد کے | خُود کرے جب حق چَراغاں عیدِ میلادُ النَّبی[1]

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

آيتِ سڳوري جي مختصر وضاحت پيارا اسلامي پائرو! اسان سيپارو 1، سورة البقره جي آيت 42 ٻڌڻ جي سعادت حاصل ڪئي. هن آيتِ سڳوري ۾ بني اسرائيل کي ٻن ڪمن کان روڪيو ويو آهي. اهي ٻه ڪم ڪهڙا آهن؟ الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ (پاره:1، البقرة:42)

ترجمو ڪنزُالايمان: ۽ حق کي باطل سان نہ ملايو. يعني هڪ آهي حق ڳالهه ۽ بي آهي باطل ڳالهه، انهن ٻنهي جي پاڻ ۾ ملاوٽ نہ ڪندا ڪريو!

وَتَكْتُمُوا الْحَقَّ وَأَنْتُمْ تَعْلَمُونَ (پاره:1، البقرة:42)

ترجمو ڪنزُالايمان: ۽ ڄاڻي واڻي حق نہ کي لڪايو. هي ٻيو حڪم آهي: يعني اي بني اسرائيل! حق کي ڄاڻندي لڪايو ٻہ نہ! بلڪ حق جو هميشہ پرچار ڪندا رهو!

آيت ۾ حق مان ڇا مراد آهي...؟

اصل ۾ معاملو هي هو تہ پهرين وڏي آسماني ڪتاب يعني تورات شريف ۾ ربِ ڪائنات پنهنجي محبوبِ ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي وصفن، ڪمالن ۽ نشانين کي کولي بيان فرمايو هو. هاڻي ڏئي ائين ها تہ بني اسرائيل کان جڏهن ماڻهو پڇندا هئا تہ توهان تہ اهلِ ڪتاب آهيو، ٻڌايو ڇا تورات شريف ۾ محمد صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جون نشانيون موجود آهن؟

[1]...وسائل بخشش، صفحہ:379 و380 ملتقطًا۔

چا تورات جي مطابق محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سچا رسول آهن؟ ان موقعي تي بني اسرائيل بن قسمن جي هيرا ڦيري ڪندا هئا: (1): هڪ هي ته جيڪي وصفَ ۽ ڪمالَ پياري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا هئا، انهن ۾ پنهنجي طرفان ڪجهه ڳالهيون لکي ڇڏيندا هئا ۽ چوندا هئا ته ڏسو! تورات ۾ ته هي نشانيون آهن، محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ اهي نه آهن. اهڙي طرح هو حق ۽ باطل کي ملائي (Mix Up) ڇڏيندا هئا. (2): بي هيرا ڦيري اها ڪندا هئا ته پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪيزه وصفن کي ماڳاهين لڪائي ڇڏيندا هئا، ماڻهن کي ٻڌائيندا ئي نه هئا. ان تي الله پاڪ کين تنبيهه فرمائي.[1] پاره 4، سورة آلِ عمران، آيت 187 ۾ ارشاد ٿئي ٿو:

وَ اِذْ اَخَذَ اللّٰهُ مِیْثَاقَ الَّذِیْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ لَتُبَیِّنُنَّهٗ لِلنَّاسِ وَ لَا تَكْتُمُوْنَهٗ

ترجمو ڪنزُالايمان: ۽ ياد ڪريو جڏهن الله انهن ماڻهن کان عهد ورتو جن کي ڪتاب ڏنو ويو ته توهان ضرور هن ڪتاب کي ماڻهن سان بيان ڪجو ۽ هن کي لڪائجو نه. (پاره:4، آل عمران:187)

يعني اي بني اسرائيل! توهان کان ته واعدو ورتو ويو هو ته توهان الله پاڪ جو نازل ڪيل ڪتاب نه لڪائيندؤ بلڪ کولي ماڻهن جي سامهون بيان ڪندؤ، پر هاڻي توهان ان کي لڪائڻ شروع ڪري ڏنو آهي، تنهنڪري:

وَلَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوا الْحَقَّ وَأَنْتُمْ تَعْلَمُونَ (پاره:1، البقرة:42)

ترجمو ڪنزُالايمان: ۽ حق کي باطل سان نه ملايو ۽ جاڻي واڻي حق کي نه لڪايو.

آيت سڳوري ۾ به پيرا لفظِ **حق** استعمال ٿيو آهي، هن جڳهه تي حق مان چا مراد آهي؟ ان جي وضاحت ڪندي مفسر سڳورا فرمائن ٿا: نَعْتُ مُحَمَّدٍ

[1]...تفسير خازن، پاره:1، البقرة، زيرآيت:42، جلد:1، صفحه:41 ملتقطًا خلاصةً۔

(صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) يعني هن جڳهه تي حق مان حضور جانِ ڪائنات صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعتِ پاڪ مراد آهي.[1] ڪهڙي نعت؟ جيڪا تورات شريف ۾ بيان ٿي هئي. تنهنڪري بني اسرائيل کي حڪم ڏنو ويو تہ اي تورات تي ايمان رکڻ جي دعويٰ ڪرڻ وارؤ! ◈ اسان تورات شريف ۾ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون نعتون ◈ سندن وصف ◈ سندن فضائل ۽ ڪمالات ◈ پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري چهري جو ذڪر ◈ پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري ادائن جو ذڪر ◈ پياري محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پياري پياري مهرِ نبوت جو ذڪر ◈ سندن چال مبارڪ جو ذڪر ◈ سندن اندازِ گفتگو جو ذڪر ◈ سندن شهر جو ذڪر ◈ سندن ولادت جو ذڪر ◈ سندن هجرت جو ذڪر ◈ سندن دنيا ۾ اچڻ جو ذڪر ◈ سندن دنيا مان ظاهري پردو فرمائڻ جو ذڪر، مطلب تہ پنهنجي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعتن ۽ وصفن کي ڪولي ڪولي بيان ڪري ڇڏيو آهي. اي اهلِ تورات! هاڻي توهان تي لازم آهي تہ توهان اسان جي محبوب جي نعتن ۾ نہ پنهنجي طرفان ملاوٽ ڪريو ۽ نہ ئي اسان جي محبوب جي واکاڻ لکايو! بلڪ جيترو ٿي سگهي اسان جي محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي وصفن جي پرچار ڪريو...!

سُبْحٰنَ اللّٰه! پيارا اسلامي پائرو! معلوم ٿيو تہ: آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعتن، پاڻ سڳورن جي وصفن ۽ ڪمالن جي پرچار ڪرڻ ربِ ڪريم کي پسند آهي. ان مان اندازو لڳايو! تہ اهي ماڻهو ڪيترا خوش نصيب (Lucky) آهن جيڪي اوصافِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خوب پرچار ڪن ٿا ◈ نعتون پڙهن ٿا ◈ ميلاد ملهائي ◈ ذڪرِ مصطفيٰ جون محفلون سجائي ◈ جهنڊا کڻي ◈ جلوسن ۾ شرڪت فرمائي جهومي جهومي پاڻ سڳورن جي آمد جي پرچار ڪن ٿا ۽ ذڪرِ مصطفيٰ ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪن ٿا.

[1]... تفسير جلالين مع حاشيہ صاوی، پاره:1، البقرة، زير آيت:42، جلد:1، جز:1، صفحہ:67۔

نعت سُنتا رہوں، نعت کہتا رہوں | آنکھ پُر نَم رہے، دِل مچلتا رہے
نجمؔ نامِ مُحَمَّد زباں پر رہے | ذِکْر ہوتا رہے، سانس چلتی رہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

نعتِ مصطفيٰ حق آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي اها ڪيڏي نہ ڪمال جي ڳالھ آهي تہ ربِ ڪائنات پنهنجي محبوبِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعتِ پاڪ کي، پاڻ سڳورن جي وصفن ۽ ڪمالن کي، سندن شان ۽ عظمت جي بيان کي "حق" فرمايو آهي.

هاڻي سمجهڻو هي آهي تہ حق ڇا هوندو آهي؟ ربِ ڪائنات پاره 13، سورة الرعد ۾ حق ۽ باطل جو فرق سمجهايو آهي، ارشاد فرمايو:

فَأَمَّا الزَّبَدُ فَيَذْهَبُ جُفَاءً ۖ وَأَمَّا مَا يَنْفَعُ النَّاسَ فَيَمْكُثُ فِي الْأَرْضِ

تَرجموڪنزُالايمان: پوءِ جهڳ تہ ضايع ٿي ويندي آهي ۽ اهو (پاڻي) جيڪو ماڻهن کي فائدو ڏيندو آهي اهو زمين ۾ باقي رهندو آهي. (پاره:13، الرعد:17)

هي حق ۽ باطل جو مثال آهي.[1] ان جو خلاصو هي آهي تہ جڏهن زوردار برسات پوندي آهي، پاڻي زمين تي وهڻ لڳندو آهي، ان وقت پاڻي جي مٿان ڪجھ گهج (Face/Foam) اچي ويندي آهي، پوءِ اها گهج جلد ئي ختم ٿي ويندي آهي پر جيڪو پاڻي آهي، اهو محفوظ رهندو آهي، اهو ختم ناهي ٿيندو، ان کي زمين چوسيندي آهي، ڪڏهن ڪڪرن جي صورت ۾ هوا تي سوار ڪيو ويندو آهي، ڪڏهن گليشيئر(يعني برفاني جبل) بڻائي محفوظ ڪيو ويندو آهي، اهو مٽبو ناهي. فرمايو ويو:

---

[1]...تفسير بغوی، پاره:13، الرعد، زيرِآيت:17، جلد:2، صفحہ:522۔

يقيناً هيءُ حق ۽ باطل جو مثال آهي. باطل چاهي ٿوري دير لاءِ چائنجي وڃي، پر آخرڪار ختم ٿي ويندو آهي ۽ حق جو اهو شان آهي تہ ان کي جيترو لڪائبو، اوترو ئي نکري سامهون ايندو، ان کي جيترو دٻائڻ جي ڪوشش ڪبي، اوترو ئي اپرندو.

هاڻي ٿورو غور فرمايو! هڪ طرف مثال ذريعي سمجهايو ويو تہ ◈ حق ڪڏهن لڪندو ناهي ◈ حق ڪڏهن دٻبو ناهي ◈ حق ڪڏهن مٽبو ناهي. ٻي طرف ◈ نعتِ مصطفيٰ کي ◈ اوصافِ مصطفيٰ کي ◈ ڪمالاتِ مصطفيٰ کي حق فرمايو پيو وڃي. انهن ٻنهي ڳالهين کي ملايو! نتيجو ڪهڙو نڪرندو؟ اهو ئي تہ ◈ نعتِ مصطفيٰ حق آهي اها ڪڏهن مٽجي نٿي سگهي ◈ اوصافِ مصطفيٰ حق آهن اهي ڪڏهن لڪي نٿا سگهن ◈ ڪمالاتِ مصطفيٰ حق آهن اهي ڪڏهن ختم نٿا ٿي سگهن.

تُو گھٹائے سے کسی کے نہ گھٹا ہے نہ گھٹے | جب بڑھائے تجھے اللہ تَعَالٰی تیرا[1]

پيارا اسلامي پائرو! زمانو گواهہ آهي، ابوجهل کان وٺي اڄ تائين هزارين نہ پر لکين ماڻهو آيا، وقت جي وڏن وڏن بادشاهن ذڪرِ مصطفيٰ کي روڪڻ جي ڪوشش ڪئي ◈ ذڪرِ مصطفيٰ، محفلِ ميلادِ مصطفيٰ، محفلِ ڪمالاتِ مصطفيٰ تي بدعت جا فتويٰ ٻہ لڳا ◈ عالمي سطح تي پياري نبي، رسولِ هاشمي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون (معاذاللہ!) گستاخيون ٻہ ڪيون وڃن ٿيون ◈ گستاخانہ خاڪا ٻہ ٺاهيا وڃن ٿا ◈ دنيا جون وڏيون طاقتون زور لڳائين ٿيون تہ ڪنهن طرح ذڪرِ مصطفيٰ گهٽجي وڃي ◈ ڪنهن طرح محبتِ مصطفيٰ گهٽ ٿي وڃي، پر ربِ رحمان جو فضل آهي، سادا چوڏهن سو سال ٿيڻ وارا آهن، ذڪرِ مصطفيٰ نہ ڪڏهن گهٽيو آهي، نہ قيامت تائين گهٽبو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هي ذڪر ڏينهون ڏينهن وڌندو ئي پيو وڃي.

---

[1] ...،حدائقِ بخشش، صفحہ:29۔

مِٹ گئے، مِٹتے ہیں، مِٹ جائیں گے اَعدا تیرے
نہ مِٹا ہے نہ مِٹے گا کبھی چرچا تیرا[1]

ۼ سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه وڌيڪ هڪ جاءِ تي لکن ٿا:

وہی دُھوم اُن کی ہے مَا شَآءَ اللہ! | مِٹ گئے آپ مِٹانے والے[2]

ذکرِ مصطفيٰ ۾ اضافوئي اضافو

بني اسرائيل جو هڪ شخص هو، جيڪو اسلام ۾ پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان (اَسْتَغْفِرُ الله!) نفرت ڪندو هو. هڪ ڏينهن هن تورات شريف کولي، ان جي تلاوت ڪرڻ لڳو، چا ٿو ڏسي ته

تورات شريف ۾ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو نالو 4 جڳهن تي "محمد" لکيل آهي. کيس ان پياري نالي سان نفرت هئي، تورات شريف ۾ هي نالو ڏسي سڙي ويو، فوراً ئي هن اهو نالو اتان کُرڙي (مٽائي) ڇڏيو. ٻئي ڏينهن جڏهن ٻيهر تورات شريف پڙهڻ وينو ته چا ٿو ڏسي، هاڻي 4 جي بدران 8 جڳهن تي "محمد" نالو لکيل آهي. (ڏاڍو حيران ٿيو، گهر وارن کان پڇيائين، پنهنجن ٻارن کي دڙڪا ڏنائين ته توهان لکيو هوندو، سيني چيو: اسان ته ناهي لکيو.) خير! هن ٻيهر نالي مبارڪ کي کرڙي مٽائي ڇڏيو. ٻئي ڏينهن چا ٿو ڏسي ته 8 جي بدران 12 جڳهن تي نالو مبارڪ لکيل آهي. هاڻي ته هن جي دل کي چوٽ لڳي، جڏهن هن ڏٺو ته مان کيڏو به مٽايان، هي نالو مٽجي نٿو، پر ويتر وڌي وجي ٿو، ته هن جي دل ۾ نور جاڳي پيو ۽ هن کلمو پڙهي اسلام قبول ڪري ورتو.[3]

---

[1]...حدائقِ بخشش،صفحہ:29۔
[2]...حدائقِ بخشش،صفحہ:161۔
[3]...نزہۃ المجالس، فصل فی سکنی الشام، باب ذکر سید الاولین والاخرین...الخ، صفحہ:329۔المکتب الثقافی

دُشمن گھٹائيں جتنی، عزّت بڑھے گی اُتنی | مَنظُور ہے خُدا کو احترام تیرا[1]

صَلُّوا عَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

نعتِ مصطفيٰ الله پاڪ جي نشاني آهي

پيارا اسلامي پائرو! الله پاڪ فرمايو:

وَلَا تَلْبِسُوا الْحَقَّ بِالْبَاطِلِ وَتَكْتُمُوا الْحَقَّ وَأَنْتُمْ تَعْلَمُونَ

ترجمو ڪنزُالايمان: ۽ حق کي باطل سان نہ ملايو ۽ ڄاڻي واڻي حق کي نہ لڪايو. (پاره:1، البقرة:42)

هن مقام تي الله پاڪ نعتِ مصطفيٰ کي "حق" فرمايو آهي. هي قرآنِ ڪريم جو هڪ مقام آهي، ان کان علاوه نعتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي قرآنِ ڪريم ٻين ڪهڙن لفظن سان ياد فرمايو آهي، اچو تہ ٻڌون! الله پاڪ فرمائي ٿو:

وَلَا تَشْتَرُوا بِاٰيٰتِیْ ثَمَنًا قَلِیْلًا

ترجمو ڪنزُالايمان: ۽ منهنجي آيتن جي بدلي ٿوري قيمت نہ ونو. (پاره:1، البقرة:41)

هتي الله پاڪ نعتِ مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي اٰیٰتِیْ (منهنجون آيتون يعني نشانيون) فرمايو آهي. ان جو مطلب اهو نڪرندو تہ ◈ ذڪر محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جو هجي، ان مان ربِ ڪريم جو شان ظاهر ٿيندو آهي ◈ ذڪر هجي زلفِ مصطفيٰ جو ◈ ذڪر هجي رخِ مصطفيٰ جو ◈ ذڪر هجي اوصاف ۽ ڪمالاتِ مصطفيٰ جو، تہ اهي سڀ ذڪر رب جي نشانيون آهن، جو تہ هن ذڪر سان دل ۾ محبتِ الاهي وڌندي آهي ۽ رب جو قرب نصيب ٿيندو آهي. سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ وڏي خوبصورت ڳالهہ چئي آهي:

---

[1]...قبالۂ بخشش، صفحہ:26۔

تم سے خُدا کا ظہور، اُس سے تمہارا ظہور | لِمُ ہے یہ، وہ اِنّ ہوا، تم پہ کروڑوں درود[1]

وضاحت: هيءَ هڪ وڏي گهري ڳالهه آهي؛ هڪ هوندو آهي "دليلِ لِمّي" ۽ ٻيو هوندو آهي "دليلِ اِنّي". مان هن کي هڪ مثال سان سولو ڪري سمجهائڻ جي ڪوشش ڪريان ٿو. ائين سمجهو ته ◈ پري کان ڪٽي توهان کي دونهون اٿندي نظر اچي، ته توهان فوراً سمجهي ويندؤ ته ڪٽي باهه لڳل آهي. حالانڪ توهان باهه کي ڏٺو ناهي، شعلا نظر نه آيا آهن، ڪنهن ٻڌايو به ناهي، توهان صرف دونهون ڏٺو ۽ ڄاڻي ورتو ته باهه آهي. ◈ اهڙي طرح جڏهن اسان ڪٽي باهه ٻرندي ڏسندا آهيون ته سمجهي ويندا آهيون ته باهه آهي ته دونهون به هوندو. يعني هي به رُخ آهن، دونهي کي ڏسي باهه کي سڃاڻڻ، ان کي چوندا آهن: دليلِ لِمّي. ٻيو پهلو آهي: باهه کي ڏسي دونهي جي سڃاڻپ ڪرڻ، ان کي چوندا آهن: دليلِ اِنّي. سرڪارِ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائي رهيا آهن:

تم سے خُدا کا ظہور، اُس سے تمہارا ظہور | لِمُ ہے یہ، وہ اِنّ ہوا، تم پہ کروڑوں درود[2]

يعني اي پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! ربِ ڪريم توهان کي اهڙو بي مثال ۽ باڪمال بنايو آهي جو توهان جو شان پڙهجي ته رب جي توحيد سمجهه ۾ اچي وجي ٿي، ۽ جيڪڏهن ربِ رحمان جي توحيد کي پوريءَ طرح سمجهجي ته توهان جو شان ۽ عظمت سمجهه ۾ اچي وجي ٿو. ته الله پاڪ پنهنجي محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان ۽ عظمت کي، وصفن ۽ ڪمالن کي، نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي پنهنجيون "نشانيون" فرمايو آهي. وڌيڪ ٻڌو!

---

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:267۔

[2]...حدائقِ بخشش، صفحہ:267۔

نعتِ مصطفيٰ هدايت آهي

پاره 2، سورة البقره، آيت 159 ۾ الله پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّ الَّذِيْنَ يَكْتُمُوْنَ مَآ اَنْزَلْنَا مِنَ الْبَيِّنٰتِ وَالْهُدٰى

تَرجموڪنزُالايمان: بيشڪ اهي ماڻهو جيڪي اسان جي نازل ڪيل روشن ڳالهين ۽ هدايت کي لکائن ٿا. (پاره:2، البقرة:159)

هتي بني اسرائيل جي ان ئي بري عادت جو بيان آهي ته اهي اوصافِ مصطفيٰ کي لکائيندا هئا، پر غور فرمايو! پهرين جيڪا آيت اسان ٻڌي، ان ۾ نعتِ مصطفيٰ لاءِ لفظ "حق" استعمال ٿيو هو، هتي الله ڪريم نعتِ مصطفيٰ کي الْهُدٰى يعني "هدايت جو ذريعو" فرمايو آهي. سُبْحٰنَ الله! ان مان معلوم ٿيو ته پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو پيارو پيارو ذڪر هدايت جو ذريعو آهي ◈ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو شان بيان ڪيو وڃي ◈ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اوصاف ۽ ڪمالات جي پرچار ڪئي وڃي ◈ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سيرتِ پاڪ کي ذوق ۽ شوق سان پڙهيو وڃي ته ان جي برڪت سان ٻانهي کي هدايت نصيب ٿي ويندي آهي.

مريض ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو

مسندِ امام احمد ۾ آهي: هڪ پيرو پيارو نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ يهوديءَ جي پرسان گذريا، ان جو پٽ بيمار هو ۽ هو ان جي سيرانديءَ ويهي تورات پڙهي رهيو هو. سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي يهودي! توکي ان سچي خدا جو قسم! جنهن موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي تورات نازل ڪئي، ڇا تورات ۾ منهنجي نعت ۽ اوصاف لکيل آهن؟ هن فوراً انڪار ڪري ڇڏيو، پر ان جو پٽ جيڪو بيمار هو، ان جي قسمت جو ستارو چمڪي رهيو هو، تنهن فوراً (پنهنجي پيءُ جو ڪوڙ ظاهر ڪندي)

چيو: مان گواهي ڏيان ٿو تہ تورات ۾ توهان جي نعت، توهان جون صفتون ۽ توهان جي تشريف آڻڻ جي زماني جو ذڪر موجود آهي. هي ڇئي هن (ٻار) ڪلمو پڙهيو ۽ مسلمان ٿي ويو.

یہ کس شہنشہِ والا کی آمد آمد ہے
یہ کون سے شہِ بالا کی آمد آمد ہے
وہ آئے آنے کی جن کے خبر تھی مُدت سے
دُعا خلیل کی عیسیٰ کی جو بشارت تھے[1]

سُبْحٰنَ اللہ! هي آهي نعتِ مصطفيٰ جو فيضان...!! هڪ غير مسلم جڏهن تورات شريف ۾ لکيل نعت شريف کي دل سان مجي ورتو، تہ ان جي برڪت سان ان خوش نصيب کي ايمان جي دولت ۽ ملي وئي ۽ صحابيت جو بلند ترين درجو ۽ نصيب ٿي ويو.

نعتِ مصطفيٰ کي لکائڻ

پيارا اسلامي ڀائرو! جيئن نعتِ مصطفيٰ جو ذڪر هدايت جو ذريعو آهي، ائين نعتِ محبوب صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي لکائڻ گمراهي جو سبب ۽ آهي. الله پاڪ بني اسرائيل جي باري ۾ فرمايو:

اِنَّ الَّذِیْنَ كَفَرُوْا وَ صَدُّوْا عَنْ سَبِیْلِ اللّٰهِ قَدْ ضَلُّوْا ضَلٰلًۢا بَعِیْدًا

ترجمو ڪنزُالايمان: بيشڪ اهي ماڻهو جن ڪفر ڪيو ۽ الله جي واٽ کان روڪيو بيشڪ اهي پري جي گمراهي ۾ وڃي پيا. (پاره:6، النساء:167)

يعني اهي بيڃڙا ماڻهو جيڪي ماڻهن کي الله جي رستي کان روڪين ٿا، دينِ اسلام کان روڪين ٿا، اهي تمام وڏي گمراهي ۾ آهن. هاڻي هتي

[1]... سامان بخشش، صفحہ:135و 136 ملتقطاً۔

سوال هي آهي تہ هو الله جي رستي کان ماڻهن کي روکين ڪيئن ٿا؟ ان جو انداز ڪهڙو اختيار ڪن ٿا؟ مفسرن سڳورن فرمايو: بِكُثْبِهِمْ نَعْتَ مُحَمَّدٍ يعني بني اسرائيل الله پاڪ جي بانهن کي الله پاڪ جي رستي کان روکڻ لاءِ، هدايت جي واٽ کان روکڻ لاءِ نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي لکائي ڇڏيندا آهن.

پيارا اسلامي ڀائرو! خبر پئي تہ! ◈ نعتِ مصطفيٰ کي لکائڻ ◈ اوصافِ مصطفيٰ جو لکائڻ ◈ ڪمالاتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي بيان نہ ڪرڻ، گمراهين جو سبب بڻجي ٿو. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ پوري شوق سان، پوري ايماني قوت سان محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ خير بس ڪندا ئي رهون، ان ۾ ڪڏهن بہ ڪهٽتائي اچڻ نہ ڏيون.

خاک ہو جائیں عَدُو جَل کر مگر ہم تَو رضاؔ
دَم میں جب تک دَم ہے، ذِکر اُن کا سُناتے جائیں گے[1]

هڪ اهم وضاحت

هتي هڪ وضاحت بہ ڪري ڇڏيان، هڪ نعت اها آهي جيڪا اسان وٽ عام رائج آهي، نعت خوان سڳورا مائيڪ تي طرز لڳائي شانِ مصطفيٰ ۾ لکيل شعر پڙهندا آهن، هي بہ نعت آهي، جيڪڏهن اهي شعر شريعت جي دائري ۾ رهي ڪري لکيا ويا هجن تہ ان جا بہ پنهنجا فضائل ۽ برڪتون آهن. پر هتي قرآنِ ڪريم جي روشنيءَ ۾ جنهن نعتِ مصطفيٰ جو بيان ٿي رهيو آهي، ان مان مراد آهي "اوصاف ۽ ڪمالاتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم" جيڪي قرآنِ ڪريم ۾ آيا، جيڪي حديثن ۾ آيا، انهن کي بيان ڪرڻ. هاڻي چاهي ◈ اهي شعرن جي صورت ۾ هجن يا ◈ بيان جي صورت ۾ ◈ درس جي صورت ۾ هجن يا ◈ ڪتاب لکڻ يا پڙهڻ جي صورت ۾، جهڙي طرح بہ

[1]...حدائقِ بخشش، صفحہ:157۔

هجي، ان جا فائدا نصيب ٿيندا آهن. ان ڪري اسان کي گهرجي تہ ◈ ذڪرِ مصطفيٰ ڪيون ◈ اوصافِ مصطفيٰ جي پرچار ڪيون ◈ ڪمالاتِ مصطفيٰ جي پرچار ڪيون ◈ پياري آقا جي پياري پياري ادائن جي پرچار ڪيون ◈ سيرتِ مصطفيٰ جي پرچار ڪيون، اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! ان جي برڪت سان دل ۾ عشقِ رسول ۽ وڌندو، محبتِ الاهي ۾ ۽ اضافو ٿيندو، رب چاهيو تہ دنيا ۽ بهتر ٿي ويندي ۽ آخرت ۾ سنورجي ويندي.

محمدِ مصطفيٰ! سيني کان آخري نبي

پيارا اسلامي پائرو! 7 سيپٽمبر تي اسان جي پياري ملڪ پاڪستان ۾ "يومِ ختمِ نبوت" ملهايو ويندو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! هي هن پاڪ وطن جو خاص اعزاز آهي تہ پوري دنيا ۾ پاڪستان واحد ملڪ آهي جتي ختمِ نبوت جي عقيدي جو تحفظ آئين جو حصو آهي.

اسان جا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آخري نبي آهن، پاڻ کان پوءِ قيامت تائين ڪو ۽ نئون نبي پيدا نہ ٿيندو، هي عقيدو قطعي (يعني 112% فيصد يقيني) آهي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: "لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰه" تي ايمان آڻڻ جيتري قدر ضروري آهي، خَاتَمُ النَّبِيّٖن تي ايمان آڻڻ ۽ اوتري قدر ئي ضروري آهي.[1] گذريل آسماني ڪتابن ۾ رسولِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون جيڪي نعتون بيان ٿيون، انهن مان هڪ اها ۽ آهي تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني کان آخري نبي آهن.

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ آخري نبي، مڪي مدني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بيشڪ جڏهن موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي تورات نازل ٿي تہ پاڻ ان جي تلاوت فرمائي، ان ۾ هن (آخري) امت جو ذڪر پڙهيائون تہ عرض ڪيائون: "اي الله پاڪ! مان تورات ۾ اهڙي امت جو ذڪر ڏسان ٿو جيڪا (زماني جي اعتبار سان) سيني کان آخري ۽ قيامت جي

---

[1]...فتاوٰی رضويہ، جلد:15، صفحہ:630 خلاصۃً۔

ڏينهن (فضيلت ۾) سيني کان اڳتي هوندي، اي مالکِ کريم! ان کي منهنجي امت بڻائي ڇڏ!" الله پاڪ فرمايو: تِلْكَ اُمَّةٌ اَحْمَد يعني (اي موسيٰ!) هي (سيني کان آخري نبي) احمدِ مجتبيٰ (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جي امت آهي.[1]

سب انبياء کے ہو تمہیں سردار لَا جَرَم | تم سا نہیں ہے دوسرا، اے آخری نبی!
بعد آپ کے ہرگز نہ آئے گا نبی نیا | واللہ! ایمان ہے میرا، اے آخری نبی![2]

گذريل امتن جي عالمن جي گواهي

◈ حضرت مُغِيْرَه بِن شُعْبَه رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ کان پهرين جي ڳالهه ٻڌائيندي فرمائن ٿا: هڪ پيرو اسان مصر جي بادشاهه "مُقَوقِس" کان حضورِ اقدس صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي تعريف ٻڌي. پوءِ مان اَسڪندريه ويس، اتي مون گذريل امتن جي ڪنهن به عبادت گاهه کي نه ڇڏيو، سيني وٽ ويس ۽ سيني کان محمدِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي باري ۾ پڇيم. آخرڪار هڪ پادريءَ وٽ پهتس، جيڪو پنهنجي قوم جو تمام وڏو عالم هو. مون ان کان پڇيو: ڇا ڪو نبي دنيا ۾ اڃڻ باقي آهي؟ هن چيو: نَعَمْ! وَهُوَ آخِرُ الْاَنْبِيَاءِ يعني ها! هو آخري نبي آهن، انهن ۽ عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي وچ ۾ ڪو به نبي تشريف ڪٽي نه آيو آهي، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام کين ئي پيرويءَ جو حڪم ڏنو هو، هو نبي اُمّي ۽ عربي آهن ۽ سندن نالو مبارڪ "احمد" آهي. حضرت مغيره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: مون اهي سڀ ڳالهيون چگيءَ طرح ياد رکيون ۽ اتان واپس اچي اسلام قبول ڪيو.[3]

حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ ختمِ نبوت جو عقيدو

صحابيءِ رسول حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته آخري نبي،

---

[1] ...دلائل النبوه للبيهقی،جماع ابواب صفة رسول الله، باب صفة رسول الله فی...الخ، جلد:1، صفحه:379۔
[2] ...وسائلِ فردوس، صفحه:21۔
[3] ...دلائل النبوة لابی نعيم، الفصل الخامس ذاره فی الكتب ...الخ، جز:1،صفحه:44 -46 رقم:45ملتقطًا۔

رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جڏهن الله پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي پيدا فرمايو تہ کين سندن اولاد ڏيکاريو ويو. پاڻ پنهنجي اولاد مان هڪڙن کي ٻين کان وڌيڪ فضيلت وارو ڏنائون، پوءِ پاڻ سيني کان پڇاڙيءَ ۾ هڪ بلند ۽ روشن نور ڏنائون. عرض ڪيائون: "يا رب! مَنْ هٰذَا؟ اي منهنجا رب! هي ڪير آهي؟ ارشاد ٿيو: "اي آدم! هي تنهنجو پٽ احمد (صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) آهي. اهي ئي اول آهن، اهي ئي آخر آهن ۽ اهي ئي آهي جيڪي (قيامت جي ڏينهن) سيني کان پهرين شفاعت ڪندا ۽ سندن شفاعت ئي سيني کان پهرين قبول ڪئي ويندي."[1] ◈ صحابيءِ رسول حضرت جابر بن عبدالله رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي نبي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ لکيل هو: مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ خَاتَمُ النَّبِيّٖن محمد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم الله پاڪ جا رسول ۽ سيني کان آخري نبي آهن.[2]

سُبْحٰنَ الله! هي آهي نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم...!! قدرت جي قلم ازل کان ئي محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي نعتن جو ذڪر ڪيو هو ۽ انهن پاڪيزه نعتن ۾ پاڻ سڳورن جي آخري نبي هجڻ کي خاص طور تي بيان ڪيو ويو هو.

نہیں ہے اور نہ ہو گا بعد آقا کے نبی کوئی
وہ ہیں شاہِ رسل ختمِ نبوت اس کو کہتے ہیں
لگا کر پشت پر مُہرِ نبوت حق تعالیٰ نے
انہیں آخر میں بھیجا خاتمیت اس کو کہتے ہیں[3]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] ...مختصر تاريخ دمشق لابن عساكر،ما ورد فى اصطفائه على العالمين... الخ،جلد:2،صفحه:111۔

[2] ...مختصر تاريخ دمشق لابن عساكر،ذكر عروجه الى السماء واجتماعه بالانبياء،جلد:2،صفحه:137۔

[3] ...قبالۂ بخشش، صفحه:207۔

زمين تي پهرين اذان

پيارا اسلامي پائرو! هي به هڪ ڪمال جي ڳالهه آهي ته انسان جڏهن پهريون پيرو هن زمين تي قدم رکيو، ان وقت به محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ نعت ئي هئي، جنهن جي ذريعي دل کي سڪون ۽ قرار نصيب ٿي رهيو هو. حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته رسولِ رحمت، شفيع امت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام هندستان ۾ لٿا، کين ڪجهه گهبراهٽ ٿي ته حضرت جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام آيا، انهن اذان ڏني. جڏهن انهن "اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰه" چيو ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام پڇيو: محمد ڪير آهن؟ جبرائيل عَلَيْهِ السَّلَام چيو: آخِرُ وَلَدِكَ مِنَ الْاَنْبِيَاءِ يعني محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان جي اولاد مان سڀني کان آخري نبي آهن.[1]

شہِ اَنبیا ہے، خدا کا ہے پیارا — وہ نبیوں میں سُن لو! نبی آخری ہے
مُحَمَّد ہے احمد، ہے سُلطانِ بَطحا — وہ نبیوں میں سُن لو! نبی آخری ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

بيان جو خلاصو

پيارا اسلامي پائرو! هي نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڪجهه فضائل ۽ فائدا اسان ٻڌا. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! نعتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم حق آهي ۽ حق ڪڏهن لڪندو ناهي، ڪڏهن مٽبو ناهي، هميشه ايرندو ۽ مٽائهون ئي ٿيندو رهندو آهي. نعتِ مصطفيٰ کي آياتِ خدا (يعني الله پاڪ جون نشانيون) فرمايو ويو آهي، ان مان خبر پئي ته نعتِ مصطفيٰ به ذڪرِ خدا ئي آهي، جو ته پياري آقا جي شان مان شانِ خدا جو اظهار ٿئي ٿو.

[1] ...تاريخ مدينه دمشق رقم:578، آدم نبی الله يكنى ابا مُحَمَّد...الخ، جلد:7، صفحه:437 ملتقطًا۔

واہ کیا مرتبہ ہوا تیرا	تُو خُدا کا خُدا ہوا تیرا
اور میں کیا لکھوں خُدا کی حمد	حمد اسے وہ خُدا ہوا تیرا
جو ترا ہو گیا خُدا کا ہوا	جو خُدا کا ہوا، ہُوا تیرا

اهڙي طرح نعتِ مصطفيٰ هدايت جو ذريعو آهي جو ان جي برڪت سان ◈ دل ۾ نورِ ايمان وڌندو آهي ◈ دل روشن ٿيندي آهي ◈ عشقِ رسول ۾ اضافو ٿيندو آهي ◈ محبتِ الاهي وڌندي آهي ۽ ◈ هدايتون نصيب ٿيندين آهن.

تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ اسان ڪثرت سان محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪرِ خير ڪيون، ميلاد بہ ملهايون. ميلاد جو اصل تہ ذڪرِ مصطفيٰ آهي، ذڪرِ آمدِ مصطفيٰ آهي. پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف ڪٽي آيا، اسان کي هدايت نصيب ٿي وئي، ان نعمت جي شڪراني جو نالو "ميلاد" آهي. ان سان گڏوگڏ ◈ جهنڊيون لڳائڻ ◈ لائٽنگ ڪرڻ ◈ پرچم لڳائڻ ◈ گهرن، گهٽين ۽ بازارن کي سجائڻ، هي سڀ ڪجهہ خوشي جي اظهار لاءِ آهي. جڏهن گهر ۾ ڪنهن جي شادي هجي تہ گهر کي سجايو ويندو آهي، ڪهڙي سبب؟ گهر ۾ شادي ٿي رهي آهي، ٻاهر گلي واري پت تي لائٽنگ ڪئي ويندي آهي، جنهن جي نہ تہ روشني گهر جي اندر اچي رهي آهي، نہ ئي اها سجاوٽ گهر جي اندر کان نظر اچي رهي آهي، پوءِ اها لائٽنگ ڇو ڪئي ويندي آهي؟ خوشي جي اظهار لاءِ ڪئي ويندي آهي، هي ٻڌائڻ ۽ ڏيکارڻ لاءِ ڪئي ويندي آهي تہ اسان جي پٽ جي شادي آهي.

بس! ميلاد ۾ بہ هي سڀ ڪجهہ خوشي جي اظهار لاءِ آهي. ميلاد جو اصل تہ ذڪرِ مصطفيٰ آهي ۽ اسان قرآنِ ڪريم جي روشني ۾ ٻڌي چڪا آهيون تہ ذڪرِ مصطفيٰ کي لکائڻ ۽ ڪمالاتِ مصطفيٰ جي بيان کان روڪڻ

اصل ۾ رب جي رستي کان ۽ دينِ اسلام کان روڪڻ آهي. الله پاڪ اسان کي ان کان محفوظ فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

وڏي ڏوم سان، ذوق ۽ شوق سان، پوري ايماني جذبي سان ميلاد ملهايو! ڪنهن جي وسوسن ۾ هرگز نه اچو! گهر ۾ سجايو، گهٽيون ۾ سجايو! ها! هڪ ڳالهه جيڪا اسان کي لازمي ياد رکڻي آهي، اها هي ته ميلاد ملهائڻو آهي ته ميلاد واري آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شريعت جي اندر رهي ڪري ملهائڻو آهي، ان ۾ ڪو به خلافِ شريعت ڪم اسان کي نه ڪرڻو آهي. الله پاڪ اسان سڀني کي عمل جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

درود و سلام موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي (IT) ڊپارٽمينٽ پاران مختلف موبائل ايپلي ڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، انهن مان هڪ ايپلي ڪيشن آهي: درود و سلام (Durood-o-Salam). ◈ هن درود و سلام ايپلي ڪيشن ۾ درود شريف موجود آهن جن کي توهان ڪنهن به وقت پڙهي سگهو ٿا يا انهن کي پنهنجي موبائل جي "ان لاڪ ٽيون" (Unlock Tune) طور سيٽ ڪري سگهو ٿا، جنهن جي ڪري جيئن ئي توهان پنهنجو فون آن ڪندؤ ته خود بخود (Automatically) درودِ پاڪ هلڻ لڳندو. ◈ اها سهولت به ڏني وئي آهي ته توهان موبائل کي ان لاڪ ڪريو ته اهو درودِ پاڪ توهان جي موبائل اسڪرين تي نظر اچي، ان جي برڪت اها هوندي ته توهان پهريان درودِ پاڪ پڙهندؤ پوءِ موبائل استعمال ڪندؤ. وڌيڪ هي ته اسڪرين تي نظر ايندڙ درودِ پاڪ جي "فونٽ" (Font) کي به پنهنجي مرضيءَ سان سيٽ ڪري سگهو ٿا. ◈ موبائل آن ٿيڻ تي جيترا پيرا درود شريف پڙهيو ويندو ان جو تعداد خود بخود درج ٿيندو رهندو. ◈ توهان پنهنجي مرضيءَ سان درودِ پاڪ جو آواز (Volume) ائڊجسٽ ڪري سگهو ٿا. ◈ ان جو سڀ کان اهم فائدو هي آهي ته اسان کي روزانو

پنهنجو درودِ پاڪ وارو نيڪ عمل مڪمل ڪرڻ ۾ مدد ملندي. اڄ ئي هن منفرد ايپلي ڪيشن کي پنهنجي موبائل ۾ ڊائون لوڊ ڪريو ۽ ٻين کي به ان جي ترغيب ڏيو.

بيان کي پڃاڻي ڏانهن آڻيندي هڪ شرعي مسئلو عرض ڪريان ٿو:

درست چاآهي؟

(درست شرعي مسئلو ۽ عوام ۾ پيدا ٿيل غلط فهمي جي نشاندهي)

مسئلو: نعت شريف ميوزڪ سان پڙهڻ ۽ ٻڌڻ ناجائز ۽ گناهه آهي.

وضاحت: پيارا اسلامي ڀائرو! نعت شريف پڙهڻ به سعادت آهي، ان کي ٻڌڻ به سعادت آهي پر هاڻي عجيب حالتون پيدا ٿي ويون آهن، ماڻهو نعتِ پاڪ کي به ميوزڪ سان پڙهڻ لڳا آهن، نعت خوان نعت پڙهي رهيو هوندو آهي ۽ پنيان هلڪو هلڪو ميوزڪ هلي رهيو هوندو آهي. ياد رکو! موسيقي ناجائز ۽ گناهه آهي. بخاري شريف ۾ حديثِ پاڪ آهي ته حضورِ اڪرم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عنقريب منهنجي امت ۾ ڪجهه قومون اهڙيون هونديون، جيڪي زنا، ريشمي ڪپڙن ۽ باجن (سازن) کي حلال قرار ڏينديون.[1] هڪ روايت ۾ فرمايو: منهنجي رب مون کي مزامير (يعني موسيقي جا آلات) ٽوڙڻ جو حڪم ڏنو.[2] اَللّٰهُ اڪبر! آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن شين کي ٽوڙڻ لاءِ تشريف کڻي آيا، غور فرمايو! انهن جو ئي شان بيان ڪرڻ ۾ اهڙن آلات جو استعمال ڪرڻ ڪيڏي نه وڏي بي ادبي آهي. تنهنڪري موسيقي واري نعت پڙهڻ به جائز ناهي ۽ ان کي ٻڌڻ به ناجائز ۽ گناهه آهي. اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مزامير (يعني گاني وڄائڻ جا آلات) حرام آهن.[3] الله پاڪ اسان

---

[1]...بخاری، کتاب الاشربۃ، باب ما جاء فیمن یستحل الخمر...الخ، صفحہ:1421، حدیث:5590۔

[2]...مسند امام احمد، مسند الانصار، حدیث ابی امامۃ الباہلی...الخ، جلد9، صفحہ:212، حدیث:22945۔

[3]... فتاوی رضویہ، جلد:24، صفحہ:138۔

کي درست اسلامي احڪام سکڻ ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

اسماءُ الحسنيٰ جون برڪتون (وظيفو)

يَا وَكِيْلُ

(اي ڪارساز، بگڙيل ڪم بنائيندڙ)

جيڪو ڪو روزانو عصر کان پوءِ "يَا وَكِيْلُ" 7 مرتبہ پڙهي ونندو، اِنْ شَآءَ اللّٰه الْكَرِيْم! آفتن کان محفوظ رهندو.[1] الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1]...مدنی پنج سوره، صفحه:253۔